## غزل

هــي سنســار ســارو ڏســان مــان اکيــن ۾.
ڇــڏي ڏيهـــ ســارو اڇــان مــان اکيــن ۾.

ســـڀجي رات ڏيئـــا کـــري ذات پـــاريم،
ســڀجي رات وسمــان، پــران مــان اکيــن ۾.

جڏهن کـان هو وڇڙي ويو مـون کـان سـرتيون،
ٽٽـــي آس دل جـــي رســا مـــان اکيـــن ۾.

ســڀجو ڏيهـــ هــاٽي ڏکــائي تــو کيـــڏو،
ڇــڏي ڏيهـــ ســارو لڪــان مــان اکيــن ۾.

متـــان پــوءِ بيهـــر لهـــي کوئـــي ڳولهـــي،
تــڏهن پــاڻ پئـــي تــي ڍِکيــان مــان اکيــن ۾.

اکيـــن خـــواب هڪـــڙو ڏنــو آ ملـــڻ جـــو،
اهــو خــواب هــڪ تــي رکــان مــان اکيــن ۾.

پــري کيــن هــڪ پــل بـــ توکــان ٽيــان مــان،
ســڀجي عمــر تنهنجــي هجــان مـــان اکيـــن ۾.

پريـــن! يـــاد تنهنجـــي ۾ هـــڪ درد بنجـــي،
تـــي کنهـــن لڙک وانـــگر رلان مـــان اکيـــن ۾.

*فهميده شرف بلوچ*

# غزل

توڪان ئي توڪي ڪسڻ تي مان چاهيان
پرين پيار تو سان ڪرڻ تي مان چاهيان

سهارو نہ گهرجي تو هڪڙي جنم جو
هزارين جنم گڏ هلڻ تي مان چاهيان

نيث تہ تيندو ملڻ اسان جو بہ ساٿي
دنيا کي اهو سڀ ڏيکارڻ تي مان چاهيان

محبت لفظ آ ننڍڙو ڪيڏو بہ سائين
بس امر پيار پنهنجو ڪرڻ تي مان چاهيان

پل نہ بہ هجي قسمت ۾ نالو تنهنجو جي
هٿ تي زوريءَ لڪير ڪڍڻ تي مان چاهيان

*نسرين سيد*

# غزل

مان پٽڪندي رهان ٿي
زندگي جو زهر پيئندي رهان ٿي

دل جو ينچ اجڙي ويو آهي
اهو ئي گيت لکندي رهان ٿي

تنهنجي پيار سواءِ نه گهرجي ڪجهه به
بس ان لئه واجهائيندي رهان ٿي

جدائيءَ ۾ مري ٿي ڪيڏو!
اهو ئي سور بڌائيندي رهان ٿي

سج لهڻ ويل قدم تنهنجا
گهر پنهنجي ڏي سرندي ڏسان ٿي

*نسرين سيد*

# غزل

تون ڀلي وئين پنهنجو پاڻ
تنها آهيان صفا مان هاڻ

بس رڳو ايترو ئي ٻڌاءِ
نيهن ناتو ڇنئه ڇا ڪاڻ

پيار منهنجي ۾ هئي ڪمي،
تون ته سنو هئين پرين پاڻ

اوهان پڇائان، هن جيون ۾
ڪائي بهار نه ايندي هاڻ

جنهن اسان کي جدا ڪيو،
سکيو نه رهندو سو پڪ ڄاڻ

منهنجي پوءِ به دعا اٿئي،
شل سڄڻ تون جواني ماڻي

ساجده جبين

# غزل

ملئين تون تہ مونکي هي سنسار مليو،
مان سگھيس تي تولاءِ سو ديدار مليو

زماني جي گردش ۾ گم ٿي وڃان ها
پر حوصلو توکان آ هربار مليو

هئي منهنجي من ۾ مايوسي تہ ڪيڏي،
توکان جرئتن جو ٿي هٿيار مليو،

مليون نفرتون ڪوڙ ساريون دنيا ۾،
اوهان کان اسان کي فقط پيار مليو،

انهيءَ سان ڪئي آ اسان آشنائي
جو دردن سان انسان ٿمتار مليو

هيس بي يقينيءَ جي دنيا ۾ رهندي
وٺان تنهنجي سائين اعتبار مليو

ڪپي پيو چا هاڻ جذهن بي پناهہ
توکان محبتن جو اظهار مليو.

خزائن جي هيراڪ هئي بينظير
چگو ٿيو بهارن جو سهڪار مليو.

*بينظير عادل*

## غزل

ڏس ڪيئن اسان گذاريون تا
توکي پيا پل پل ساريون تا

ڇا ٿون تا تون اڇڻو ناهين
پوءِ ڀي واٽ نهاريون تا.

گذري وڃي ٿي ڏکي سکي اڻين،
بس تون بن اسان گذاريون تا.

ياد ٻه اسان لئه سهارو سگهارو
سهاري ان جي پيا گهاريون تا.

جيون هيءُ کهڙو ڪو جيون آ بس
مڙئي پاڻ ماري پيا جياريون تا

هوءِ ڇڻي توکي سامهون ڏسان روبرو
پر اجان دل جي ڳالهه کي ٻه ٽاريون تا.

توسان گڏ ته هيون خوشيون ڪيتريون
توين هاڻ هينئڙو پيا هاريون تا.

هرگهڙي تون اسان کي ياد آن عادل
ڪوپل ٻه نه توکي وساريون تا.

*بينظير عادل*

# غزل

وقت ايندو اهڙو جو توکي بہ آخر پنهنجو بنائي ونبو
دل جو تي چاهي اهو سڀ سموروئي پائي ونبو

قرب ۽ پيار پريون راتيون بہ آهن ياد مونکي سڀ
تن جي صدقي چوين تہ سر بہ تولاءِ نمائي ونبو

اڄ اها پاڻ ۾ ناهي تہ چاتي آهي پيو
پري رهي بہ رنل رهندين تہ سپني ۾ پرچائي ونبو

نيٺ تہ ناڻ محفل ۾ پنهنجو کري رهبو روشن
تولاءِ لکي غزل کو سهڻو پاڻ ڳائي ونبو

دل جي لڇي تڙپي تہ پوءِ چا کري هت بتول
ڏسي تصوير تنهنجي ۽ پاند پنهنجو پسائي ونبو.

*جهان آرا بتول*

# غزل

بـرو محبـت جـو انجـام تيـنـدو كـڏهن سـوچيو نـ هـو
تمنـائن جـو قتـل سـرعام تيـندو كـڏهن سـوچيو نـ هـو

اهـو لفـظ عشـق جنهـن كـي مقـدس مـون ٿـي سمجهيـو
ائيـن گهـٽيءَ گليءَ ۾ بدنـام تيندو كـڏهن سوچيو نـ هو

حســـرتون مـــن جـــون وكـــري ويـــون چـــوان ڇـــا ؟
فسـانو پيـار ۾ ائيـن تمـام تيـنـدو كـڏهن سـوچيو نـ هـو

پنهنجـي ناكـام الفـت جـي غـم كـي پلائـڻ لاءِ صنـم
منهنجي هٿن ۾ ائين اڄ جام تيندو كڏهن سوچيو نـ هو

عشـق جنهـن كـي تـا سمجهـن كيـل مـاٺهو دوسـتو
اهـو جنـون صبـح شـام تيـنـدو كـڏهن سـوچيو نـ هـو.

*جهان آرا بتول*

# غزل

کنهن سان نيڻ ملائي وينس
پنهنجو پاڻ وڃائي وينس

آس اندر ۾ ساندي ساندي
پنهنجو جيءُ جلائي وينس

مون کي بڻائي هيڪل ويو هو
پاڻ تان لوڪ کلائي وينس

توکي ذرو احساس نه منهنجو
تنهنجي مان ته سڏائي وينس

سک نه آ "کورائي" گهڙي کو
دل جو چين ڦٽائي وينس

*ايس ڪي کورائي*

# غزل

زمانو تو ڪري نفرت اسان ڪان
وئي آهي رسي مسرت اسان ڪان

اجا تا گيت آلاپجن پراڻا
وئي وسري آهي جدت اسان ڪان

اسان ڪي ئي ڇو رڳو صدما ملن تا
تي امتحان وني قدرت اسان ڪان

نہ دل سان چاهبو جيون ۾ ڪنهن کي
وري ٿيندي نہ ڪا غفلت اسان ڪان

ڪندو جي ڪير آ دوکو اسان سان
ملي تنهن کي بہ ٿي محبت اسان ڪان

گهڻي ڪوشش ڪري عاشي ڏنيسين
آهي ليڪن پري نصرت اسان ڪان

*عائشہ مسرت شيخ*

# غزل

خوشبو جهڙو ماڻهو مليو افساني ۾
سالن کان رکيل کنهن خط پراڻي ۾

هو خيالن ۾ گم سم ائين هو بلکل
جيئن کو لکيل هو تهخاني ۾

هن جون يادون تو تازيون کريان
دل ۽ من جي سونهن خزاني ۾

هن جي رنگين تصوير کي سکي
وڃايو هو کٿي مون انجاني ۾

اڄ هو دور رهيل آ مونکان
رهندو هو جيکو دل جي خاني ۾

*آرزو عباسي*

# غزل

پـلا اهـڙي ڪهـڙي هئـي خـامي اسـان ۾،
پريـن پيـار تنهنجـو نـہ پـائي سگهياسـين.

حقـارت پريـل تنهنجـي نظـرن تـي مـاريو،
جـڏهن آخـري پيـرو توسـان ملياسـين.

زمـاني جي خواري بہ سـر تـي کنئي سـين،
سـڄڻ پـوءِ بـہ توسـاڻ ملنـدا رهياسـين.

خبـر پـوءِ پئـي تـہ چـاهي جدائـي،
جـڏهن هجـر جـا گهـاءَ گهـرا سناسـين.

ڏيان ڏوهہ ڪنهن تي آ قسـمت ئـي اهڙي،
رهـي ويجهـو توڪـي نـہ مـاڻي سگهياسـين.

*خاموش جنت گل هاليپوٽو*

# غزل

تو هر پيري چيو "پنهنجو"، اعتبار ايندو ويو
ڪڏهن رسيس، ڪڏهن پرچايئہ، پيار ايندو ويو

اهڙو درد اتيو دل ۾، تياسين اسين لادوا
تو مسڪرائي ڏنو بس، قرار ايندو ويو

تون آئين بزم ۾، ڀڪي اتي محفل دل
نہ تہ ڦريون توڪان، جو آيو بيڪار ايندو ويو

گڏ رهيو اسان سان تہ، هر الزام سنوسين
وڇڙيو تہ هنجو نالو سر بازار ايندو ويو

بي انداز خوشي ملي، ڪڏهن غم انتها "سوسن"
ائين ئي هوريان هوريان، محبت ۾ نکار ايندو ويو

*سوسن گل بلوچ*

